# 7. سنتوُ شهاڻي

وشنو نينارام شرما (1894 - 1973ع) هڪ اخبار نويس ۽ ڪالم نگار ٿي گذريو آهي. هوُ ’شري‘ نالي سان قلم هلائيندو هو. هن جي ليکن جا مجموعا آهن : ’پٿر تي ليڪ‘ ۽ ’منهنجي ڪير ٻڌي‘

هن ليک ۾ سنڌي سپوت سنتو شهاڻيءَ طرفان ديش لاءِ ڪيل شيوائن جو بيان ڪيل آهي.

1962ع ۾ جيڪا چين سان چڪري لڳي. تنهن ۾ اسان جي بچاءُ ڪاتي هڪ سبق اِهو سکيو تہ فوجي جوانن کي گهربل ماڊرن هٿيار ملڻ گهرجن. مکيہ ۾ مکيہ هٿيار ڪپندا هئا. ’آٽوميٽڪ بندوقون‘ ۽ اُهي بہ لکن جي تعداد ۾ کپن. ڪروڙن جو انهن تي آهي خرچ. ڪروڙ بہ خرچ ڪجن. پر ’فارين ايڪسچينج‘ سرڪار وٽ ميسر ڪانہ! يوروپ جا ملڪ انهن آٽوميٽڪ بندوقن پهچائڻ لاءِ تيار هئا ۽ ممڪن هو تہ انهيءَ لاءِ اُهي ’’فارين ايڪسچينج‘‘ بہ پيدا ڪن ها! فوجي ماهر پاڻ ۾ گڏيا ۽ اِها پڙتال ٿيڻ لڳي تہ اهي آٽوميٽڪ يا سيمي آٽوميٽڪ بندقون ديش ۾ نهي سگهن ٿيون يا نہ! گهڻو ڪري سڀني ماهرن اِها راءِ ڏيکاري تہ ديش ۾ اهڙا هٿيار ايترو جلد نهي نہ سگهندا. تنهن ڪري ٻاهرين ملڪن مان گهرائجن. فقط هڪ شخص، سنتو شهاڻي، جيڪو آرڊينس فئڪٽرين جو ڊائريڪٽر جنرل هو. تنهن چيو تہ ’’اهي بندوقون هندستان ۾ نهي سگهن ٿيون ۽ گهربل وقت اَندر بندوقن جو تعداد پهچائي سگهبو. ائين بندوقون ٺاهڻ ۾ ڪنهن بہ وديشي پيسي (فارين ايڪسچينج) جي گهرج ڪانہ پوندي.‘‘

سنتو شهاڻي هينئر رات ڏينهن ڪم ۾ لڳي ويو. نہ صرف پاڻ پر سندس زيردست بہ پيروي ڪرڻ لڳا. سنتو شهاڻيءَ کي ڀارتي انجنيئرن ۽ ڪاريگرن جي سرانجامي ۽ هوشياريءَ ۾ پورڻ وشواس هو. هن کي تسليِ هئي تہ ڀارتي ڪاريگر دنيا جي ڪنهن بہ انجنيئر کان گهٽ نہ آهن. پاڻ ڪن ڳالهين ۾ پرديسين کان سرس آهن. سنتو شهاڻيءَ جدا جدا هنڌن تي نوان فوجي سامان جا ڪارخانا کوليا ۽ انهن ۾ رات ڏينهن ڪم ٿيڻ لڳو. پاڻ بہ سورهن ڪلاڪ يا مٿي ڪم ڪندو رهيو. ڏينهن جو ڪم ۾ تہ رات جو هوائي جهاز ۾ چڙهي صبح جو سويل ئي ٻئي ڪارخاني تي نگهباني ڪندو ۽ ڪم جي سر انجامي وٺندو هو. هن جا زيردست اهڙو تہ ڪم ۾ جنبيل، جو ڪم مقرر وقت کان اڳي پورو ڪري وٺندا هئا.

’ڪو ڪم ناممڪن آهي‘ اِها ڳالهہ تہ هو سکيائي ڪين هئا، نتيجو اِهو نڪتو جو ڪامياب سيمي آٽوميٽڪ بندوقون هندستان جي ڪارخانن مان لکن جي تعداد ۾ تيار ٿي نڪتيون. سي بہ مقرر وقت کان اڳ ۽ رقم بہ گهٽي گهٽ لڳي. ڀارت سرڪار سنتو شهاڻيءَ جي ان ڪم کان متاثر ٿي کيس ’پدم ڀوشڻ‘ جو خطاب عطا ڪيو.

ڪنهن کي سُڌ هئي تہ ڀارت جو اهڙو اعليٰ. ديرينو ۽ جاڙو ڀارت جو سپوت اوچتو اجل جو شڪار ٿي ويندو! سڀ چوندا هئس تہ ’’سنتو ڪجهہ آرام بہ وٺ. سڄو وقت پيو ڪم ڪرين. جُهري پوندين!‘‘ پر هن دوست نہ مڃيو. سڄو وقت ڪم ۾، آرام صرف ڪري هوائي جهاز جي مسافريءَ ۾ ۽ وري ڪم. ائين مهينن جا مهينا ۽ سالن جا سال ڪيائين. آخر هڪ دفعي ڪلڪتي ۾ سڄو ڏينهن ڪم ڪري رات جو هوائي جهاز ۾ آرام ڪرڻ لاءِ دهليءَ طرف هليو پر اُهو هُن جو آخرين سفر هئو ۽ پوءِ هميشهہ لاءِ ڀارت ماتا جي گود ۾ وڃي آرامي ٿيو.

ڪلڪتي ۾ جيڪو شاهي ملٽري ماتم نڪتو، تنهن ۾ سنڌين کان سواءِ ٻين جي اکين ۾ بہ آنسون هئا. دنيا ڏسي سگهي تہ ڪيترو نہ پيارو هو سنتو شهاڻي ۽ ڪيئن نہ سڀ لوڪ، سرڪار سوُدا سندس قدر ڪري رهيا هئا. اهڙو ماتمي جلوس ويجهڙائيءَ ۾ ڪلڪتي منجهہ ڪين نڪتو هو ۽ ڪلڪتي جي رهواسين ۾ سنڌين جو اَڳي کان وڏيڪ سنمان ٿي رهيو هو. ڪلڪتي جي گهڻو ڪري سڀني اَهم اخبارن، انگريزي توڙي بنگاليءَ ۾ مکيہ ليک خبرون ۽ فوٽا سنتو شهاڻيءَ جا آيا. هند سرڪار ۽ بينگال سرڪار جا عيوضي ماتم ۾ شامل هئا ۽ سندس ارٿيءَ تي ڦول مالهائون چاڙهيون ويون.

## نوان لفظ :

اعليٰ - اوچ ڪوٽيءَ جو
تعداد - انداز
اجل جو شڪار ٿيڻ - مري وڃڻ
جهُري پوڻ - ڍهي پوڻ، ڪمزور ٿيڻ، بيمار ٿيڻ
متاثر ٿيڻ - اثر هيٺ اچڻ
عملي جامو پهرائڻ - عمل ۾ آڻڻ
عطا ڪرڻ - ڏيڻ، بخشڻ

## اڀياس

**سوال ١ :- هيٺين سوالن مان هرهڪ جو جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :**

١) ڀارت جي چين سان ڪهڙي سال چڪري لڳي؟
٢) چين سان ٿيل چڪريءَ مان اسان ڪهڙو سبق پرايو؟
٣) سنتوُ شهاڻيءَ جا ساٿي سندس پيروي ڇو ڪندا هئا؟
٤) سنتوُ شهاڻي هر روز ڪيترا ڪلاڪ ڪم ڪندو هو؟
٥) سنتوُ شهاڻيءَ کي آرام ڪرڻ جو موقعو ڪٿي ملندو هو؟

**سوال ٢ :- هيٺين سوالن مان هرهڪ جو جواب پنجن ستن جملن ۾ ڏيو :**

١) سنتوُ شهاڻيءَ جو آٽوميٽڪ بندوق ٺاهڻ بابت ڪهڙو ويچار هو؟
٢) ڀارت سرڪار سنتوُ شهاڻيءَ کي ڪهڙو خطاب ڏنو ۽ ڇو؟
٣) سنتوُ شهاڻيءَ جي ماتمي جلوس جو ورنن ڪيو؟

**سوال ٣ :- (الف) هيٺين لفظن مان صفتون ٺاهيو :**

ڪم، هوا، رات، اچ

**(ب) هيٺين لفظن جا ضد لکو :**

خرچ، مُمڪن، اعليٰ، ڪامياب

**(ٻ) هيٺين جا ساڳئي معنيٰ وارا لفظ لکو :**

تعداد، وشواس، خطاب، آنسوُ.

**(ڀ) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ وارا لفظ لکو :**

هوندو هو، حيران، هاڻي، تنهنجو، کي

**(د) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو:**

اجل جو شڪار ٿيڻ، متاثر ٿيڻ، عطا ڪرڻ، جهري پوڻ، عملي جامو پهرائڻ

**سوال ٤ : ”جتي چاهه اُتي راهه“ اُپٽار لکو.**

## پورڪ اَڀياس

### (۱) ٽڪر تي عملي ڪم

1962ع ۾ جيڪا چين سان ............................. پورو ڪري ونندا هئا.

**(i) ٽڪر مان، هيٺ ڏنل لفظن سان ٺهڪندڙ انگريزي لفظ ڳولهي لکو:**

| وديشي | هڪ ڪنڊ | تڪنيڪ جو ڄاڻو | جديد |
|---|---|---|---|
| | | | |

**(ii) هڪ سِٽ ۾ جواب ڏيو :**

(۱) سنتوُ شهاڻيءَ جو ڪنهن ۾ پورڻ وشواس هو؟

(۲) چين سان لڙائيءَ ۾ بچاءُ ڪاتي ڪهڙو سبق سکيو؟

(۳) آرڊينس ڊائريڪٽر جنرل ڪهڙو رايو ڏنو؟

(۴) سنتوُ شهاڻي جُدا جُدا هنڌن تي ڪهڙا ڪارخانا کوليا؟

**(iii) ضدن جا جوڙا ملايو :**

| | |
|---|---|
| پورو | ٻئي درجي جو |
| وشواس | ناممڪن |
| مُکيه | اَڌپورو |
| ممڪن | اَوشواس |

**(iv) هڪ لفظ ۾ جواب لکو :**

(۱) خرچ سان لاڳاپو رکندڙ = ☐ (۳) وڏيڪ جو ضد = ☐

(۲) پارٽي انجنيئرن جو گُڻ = ☐ (۴) ”ڄاڻوُ“ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ = ☐

(2) 'Google' تي 'thesindhuworld.com' تي وڃي شهيد پريم رامچنداڻي بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪيو.

(۳) ’سئنڪ جي آتم ڪٿا‘ لکو.

(۴) سئنڪ ۽ عام اِنسان وچ ۾ گفتگو لکو.

C7HVJD